# پوپٽ جي ڪهاڻي

هڪڙو وڻ هو، ان ۾ تمام گهڻا پن هئا. هڪ پن تي هڪ ننڍڙو بيضو هو.

هڪ ڏينهن بيضو ٽٽي پيو، ان مان هڪ ننڍڙو ڪيڙو نڪتو.

ان ڪيڙي جو نالو ڪيٽر پلر هو.

ڪيٽرپلر کي بک لڳي هئي

هو جنهن بيضي مان نڪتو هو، انهيءَ بيضي جي کل هن کائي ڇڏي.

ان کي اڃان به بک لڳي، هن اهو پن به کائي ڇڏيو جنهن تي بيضو هو.

ان کي اڃان به بک لڳي...۽ وڏيڪ بک..گهڻي وڌيڪ بک لڳي.

هو کائيندو ويو...کائيندو ويو.

هاڻي هو ننڍڙو نه رهيو هو. هو وڏو ٿي ويو هو ۽ ٿلهو به ٿي ويو هو.

هو کائي ڪائي ٿڪجي پيو.

هن پنهنجي چوڌاري هڪ ٿيلهو ٺاهي ڇڏيو. هاڻي هو ٿيلهي منجهه هو.

ٿيلهي جي اندر ڪيٽرپلر جي شڪل بدلجي وئي.

هڪ ڏينهن ٿيلهو ڦاٽي پيو.. ٿيلهي منجهان ڇا نڪتو؟؟

هڪ ننڍڙو پيلي رنگ جو پوپٽ

پوپٽ جا پر آلا هئا. پوپٽ پنهنجا پر سڪايا.

پوءِ هو اڏامڻ لڳو.

پوپٽ اڏري هڪ نيري گل تي وڃي ويٺو. گل جي هيٺان هڪ چار هئي، چار ۾ هڪ ڪوريئڙو هو. ڪوريئڙي چيو ” پيارا پيلا پوپٽ، منهنجي گهر اچ. مان توکي مزيدار مڇر کارائيندس ۽ توکي ماڪ پياريندس.“

نيري گل پوپٽ کي چيو ته ”ڪوريئڙو توکي کائي ڇڏيندو، ان جي ڳالهه نه مڃجانءِ“.

پوپٽ اتان اڏري ويو. هاڻي هو هڪ ٽاريءَ تي وڃي ويٺو. جنهن تي پيلا گل هئا. هو پيلي رنگ جي گل جو رس چوسڻ لڳو.

پوپٽ کي هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو.. ”پون پون.“ پيلي گل پوپٽ چيو ته ”اهو گهروتڙي جو آواز آهي، هو توکي ڏسندي ته کائي ڇڏيندي.

اسان جو رنگ پيلو آهي ۽ تنهنجو رنگ به پيلو آهي. تون منهنجي ٽاريءَ ۾ لڪي وڃ ته گهروتڙي توکي ڪونه ڏسندي.“

ايتري ۾ هڪ سائي رنگ جو پوپٽ آيو. اهو به گهروتڙي کان لڪي پيو. هو ٽاريءَ جي ساون پنن ۾ لڪي ويو.

پيلي پوپٽ ۽ سائي پوپٽ جي پاڻ ۾ دوستي ٿي وئي. هو گڏجي گلن جو رس چوسڻ لڳا.

**آمنه اظفر**

**سنڌي ۾ ترجمو.**

**عطيه دائود**